# اميراهلسنت کان آسان شادي جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: امير اهلسنت کان آسان شادي جي باري ۾ سوال جواب

ڇاپو پهريون: ربيع الغوث 1443هه نومبر 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن ڪي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جي مدني مذاڪري مان ورتل

# اميراهلسنت کان آسان شادي جي باري ۾ سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار ٿيو.


**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**
UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
Email: translation@dawateislami.net

# فهرست

اميراهلسنت کان آسان شادي جي باري ۾ سوال جواب ........ 1
دعاءِ جانشينِ اميراهلسنت ............................... 1
درود شريف جي فضيلت ................................... 1
نڪاح مهانگي هجڻ جا سبب ............................... 1
امير اهلسنت جو نڪاح ۽ وليمو ........................... 2
پوڙهي پيءُ جو پڪي سان لٽڪيل لاش(عبرتناڪ واقعو ........... 3
گهوٽيتن جا مالي مطالبا رشوت آهن ........................ 3
مڱڻي ۾ پنج مڻ مٺائي وٺي اچجان ......................... 7
شادي جي تقريب ۾ دير جو سبب ۽ ان جو حل .................. 8
عِدّت ختم ٿيڻ تي دعوت ڪرڻ ............................. 10
دعوتن ۾ هڪ طعام جو سسٽم هئڻ فائديمند آهي ............... 12
ڏاج جو مالڪ ڪير؟ ..................................... 15
”غيبت جون تباه ڪاريون“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان
مڱڻي/شادي ۾ غيبت جا 17 مثال ......................... 19
رشوت کان توبہ جو طريقو ................................. 21

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# اميراهلسنت کان آسان شادي جي باري ۾ سوال جواب

## دعاءِ جانشينِ اميراهلسنت

ياربّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”اميراهلسنت کان آسان شادي جي باري ۾ سوال جواب“ پڙهي يا ٻُڌي وٺي، اُن کي نڪاح جي سُنت شريعت جي مطابق ادا ڪرڻ ۽ غير شرعي رسم ۽ رواج کان بچائي پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنتن تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## درود شريف جي فضيلت

منقول آهي: هڪ شخص کي وصال کان بعد ڪنهن خواب ۾ مٿي تي مجوسين(يعني آتش پرستن) جي ٽوپي پاتل ڏٺي ته ان جو سبب پڇيو: ان جواب ڏنو: جڏهن محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نالو مبارڪ ايندو هو ته مان درود شريف ڪونه پڙهندو هيس هن گناهه جي نحوست سبب مون کان معرفت ۽ ايمان سَلب ڪيا ويا (يعني کسيا ويا). (سبع سنابل، ص35)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نڪاح مهانگي هجڻ جا سبب

سوال: اجڪلهه شاديون مهانگيون ٿي رهيون آهن ۽ ان سلسلي ۾ نوان نوان غير شرعي طريقا اچي رهيا آهن، ان ڪري اوهان کي

گذارش آهي تہ هن بابت رهنمائي فرمايو.

جواب: شادي بلڪل مفت هئي پر هاڻي مهانگي ٿي وئي آهي. ياد رکو! نڪاح ۾ هڪ رپيو بہ واجب نہ آهي جو پئسو نہ هوندو تہ نڪاح نہ ٿيندو. بهرحال مهر واجب هوندو آهي. (ردالمحتار، 4/ 219) ۽ مهر جو گهٽ ۾ گهٽ مقدار بہ تولا ساڍا ست ماشا چاندي آهي.(بهار شريعت، 64/2، حصہ:7) جنهن جي رقم پاڪستاني ڪرنسي جي حساب سان (28 نومبر 2019ع تائين) لڳ ڀڳ ٽي هزار (3000) روپيا بڻجي ٿي. تہ ائين چئڻ شادي مفت ئي آهي. شادي جي پهرين رات گذاري وليمو ڪرڻ سنت آهي. (بہارِ شريعت، 3 / 391، حصہ: 16) پر ان جي لاءِ شادي هال بُڪ ڪرائڻ ضروري ناهي. اهڙي طرح نڪاحَ جي لاءِ بہ شادي هال بُڪ ڪرائڻ ضروري ناهي.

## امير اهلسنت جو نڪاح ۽ وليمو

الحمدلله! منهنجو نڪاح (ميمڻ) مسجد (بولٽن مارڪيٽ) ۾ ٿيو هو ۽ منهنجي درخواست تي مفتي اعظم پاڪستان مفتي وقار الدين صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نڪاح پڙهائڻ آيا. اسان عمارت جي ٻيءَ ماڙ تي رهندا هئاسين، جڏهن تہ اسان جي هيٺان رهنڊز پاڙيسري جو گهر وڏو هو، تنهنڪري منهنجو وليمو ان ۾ ٿيو هو. شاديءَ جي موقعي تي مون پنهنجي گهر کي ڪنوار وانگر بہ نہ سينگاريو هو، پر شايد بہ چار ٽيوب لائٽون ۽ ٽيپ رڪارڊر تي نعت شريف هلائي هئي. الله جي فضل ۽ ڪرم سان اسان وٽ شروع ئي کان ڳائڻ وڄائڻ جو تصور ناهي. ياد رهي! شادي تي ڏيڻ وٺڻ ۽ سون ڪپڙا وغيره جيڪي معمولات ٿيندا آهن اهي منهنجي شادي تي بہ ٿيا هئا ۽ هي جائز بہ آهي. انهيءَ طرح مهر جي گهٽ ۾ گهٽ مقدار بہ تولا ساڍا

ست ماشا چاندي آهي جڏهن ته وڌ کان وڌ جي کا حد مقرر ناهي انهيءَ کري کو کيترو ئي چاهي مُهر رکي جائز آهي، پر مهر وچ واري درجي جو هئڻ گهرجي، ته جيئن کنهن تي بار نه پئي.

## پوڙهي پيءُ جو پکي سان لٽڪيل لاش (عبرتناڪ واقعو)

اڄڪلهه ماڻهو شادين ۾ گهر وغيره جو مطالبو کري هڪبئي کي پريشان کن ٿا، جنهن سبب کڏهن کڏهن معاملو خودکشي تائين وڃي پهچي ٿو. جيئن ته مون سوشل ميڊيا تي هڪ پوسٽ ڏٺي جنهن ۾ هڪ پوڙهي ماڻهوءَ جو پکي سان لٽڪيل لاش هو ۽ گڏوگڏ ان تي ڪجهه هن طرح لکيل هو: هيءُ پوڙهو ماڻهو پنهنجي ڌيءَ جي شادي کري رهيو هو، گهوٽيتا رخصتي کان اڳ طرح طرح جا مطالبا کري رهيا هئا ته هيءَ شيءِ وٺي ڏيو ۽ هُوءَ شيءِ وٺي ڏيو، جڏهن ته هو قرض وٺي سندن مطالبا پورا کري رهيو هو. رخصتي کان ڪ ڏينهن اڳ گهوٽ مطالبو کيو ته جيڪڏهن مون کي کار وٺي ڏيندي ته مان جڃ آٽيندس، نه ته کونه آٽيندس. هاڻي هن بيوس پوڙهي پيءُ پنهنجي ڌيءَ جي ساهُرن کي چيو: توهان جي مطالبن کي پورو کندي کندي اڳي ئي مون تي تمام گهڻو قرض وڌي ويو آهي، تنهنکري هاڻي ائين کري مون کي امتحان ۾ نه وجهو. پر گهوٽ پنهنجن مطالبن تي قائم رهيو ۽ جڃ وٺي اچڻ کان انڪار کري ڇڏيو. آخرڪار نتيجو اهو نڪتو ته اُن پوڙهي مايوس ٿئي خودکشي کري ڇڏي.

## گهوٽيتن جا مالي مطالبا رشوت آهن

گهوٽيتن جو کنواريتن کان مالي مطالبو کرڻ رشوت جي هڪ

شڪل (آهي) ۽ (اهڙو مطالبو) حرام آهي. جيتوڻيڪ ڇوڪريءَ جو پيءُ پنهنجي عزت بچائڻ ۽ پنهنجي ڌيءَ جي رخصتي ڪرڻ جي لاءِ مجبور ٿي مطالبو پورو ڪري به ڇڏي. پر گهرڻ وارو گناهگار آهي. اسان وٽ شادين ۾ گهوٽيتن طرفان مطالبو ڪرڻ عام ٿي ويو آهي.
(فتاوىٰ رضويه، 12/ 257 ماخوذاً)

ڪڏهن ڪنواريتن سان اي سي(AC) جو مطالبو ڪيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن گهر ڏيارڻ جو، حالانڪ رهڻ جي لاءِ مڪان جو انتظام ڪرڻ ڇوڪري تي واجب آهي. (تنوير الابصار،1/ 283-284 ملتقطاً) اڄڪلهه ڪنواريتا ويچارا مجبور ٿي لکين ڪروڙين جا گهر ڏئي رهيا آهن، ظاهر آهي ڇوڪرين جون شاديون ڪرڻيون آهن ۽ ڇوڪريون وڏيڪ پيدا ٿئي رهيون آهن. اسان جي ڪتياڻه ميمڻ برادري ۾ گهوٽيتا ڪنواريتن سان گهر جو مطالبو ناهن ڪندا بلڪ ڇوڪرو پاڻ گهر جو انتظام ڪندو آهي پر هڪ ميمڻ برادري اهڙي به آهي جنهن ۾ ڇوڪريءَ وارن کي گهر ڏيڻو پوندو آهي. اهڙي طرح جي شين سان ويچارا سماجي اداري وارا به ڳٽيءَ ۾ آهن جيئن ويجهڙ ئي ۾ منهنجي غريب خاني (يعني گهر) ۾ ميمڻ برادرين سان تعلق رکندڙ هڪ وڏي سماجي اداري جو عهديدار ۽ مختلف ميمڻ برادرين جا وڏا ماڻهو آيا هئا ۽ اهي ويچارا به هن حوالي سان پنهنجي ڳٽيءَ جو اظهار ڪري رهيا هئا. مون ڏنو آهي ته شادي ۾ ڪروڙين روپيه خرچ ڪيا ويندا آهن ۽ پوءِ ڪجهه ئي ڏينهن ۾ طلاق ٿي ويندي آهي يا وري زال مڙس يا سَسُ نُنهن پاڻ ۾ ناهن نهندا ۽ ڇوڪري مائٽن ۾ هلي ويندي آهي. الله پاڪ پنهنجي محبوب جي اُمَّت تي رحم فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:91)

**سُوال:** ڪيئي ماڻهو اهو چوندي نظر اچن ٿا ته غلط رسمن شادي کي نهايت مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي پر هنن رسمن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ هُو عملي طور ميدان ۾ نٿا اچن ايسيتائين جو جيڪڏهن انهن جي پنهنجي گهر جي ڪنهن فرد جي شادي ٿئي ته اهي به هنن رسمن ۾ مبتلا نظر اچن ٿا، هن حوالي سان اوهان ڇا ٿا فرمايو؟

**جواب:** ڪيئي ماڻهن کي تڙپ هوندي آهي جيئن مون کي تڙپ آهي ۽ مان مدني چينل جي ذريعي هن حوالي سان عرض ڪندو رهان ٿو پر جيڪڏهن منهنجي خاندان ۾ ڪجھ ائين ٿئي ٿو ته مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ ظاهر آهي خاندان جو هر هڪ ماڻهو ڳالھ مڃي اهو ضروري ناهي. انهيءَ طرح جيڪي سماجي ادارن جا ليڊر هوندا آهن انهن مان ڪجھ واقعي ذڪارا هوندا آهن انهن کي پنهنجي قوم جو درد هوندو آهي پر انهن وٽ به جيڪڏهن ڪا تقريب هوندي ته پلي هي ناراض ٿين ۽ گهر ۾ ڏقيڙ ٿئي پر انهن جي ڳالھ نه مڃي ويندي. ياد رهي! جوان اولاد جي سامهون سماجي اداري جو هي پوڙهو ويچارو ڇا ٿو ڪري سگهي؟ جيڪڏهن ڪنهن رسم کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندو ته پاڻ ئي بدنام ٿيندو ته ائين ڪجھ سماجي ليڊر نهايت درد رکندڙ هوندا آهن پر اُنهن ويچارن جي گهر ۾ ناهي هلندي. جيڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ جي شادي ڪرڻي هجي ۽ سماجي ليڊر اِهو چاهي ته بلڪل سادگي سان ٿي وڃي ته گهوٽيتا چوندا آهن هيءَ رسم به ٿيندي ۽ هُوءَ رسم به ٿيندي ته هاڻي هي ويچارو ڇا ڪري؟ جيڪڏهن جوان ڇوڪري وينل رهندي ته گناهن جا دروازا کلندا ۽ پوءِ ڪيئي خرابيون ايندين ان ڪري ويچارو سماجي رهنما نه چاهيندي به رسمن ۾ ڦاسي پوندو هوندو ۽ پوءِ

معاشري ۾ اُن جي بدنامي بہ ٿيندي هوندي تہ چئي هيئن ٿو ۽ ڪري هونئن ٿو. جيڪي اصلاح جون ڳالهيون ڪن انهن جو مذاق اڏائڻ ۽ انهن تي تنقيد ڪرڻ هي دل آزاري ڪرڻ وارو طريقو آهي. جيڪي ويچارا غلط رسمون ختم ڪرڻ جو چَون اسان کي انهن جي حوصلہ افزائي ڪرڻ گهرجي. ۽ انهن جي باري ۾ هي حُسنِ ظن رکڻ گهرجي تہ هي مسلمان آهن تنهنڪري صرف زبان سان نہ بلڪ دل سان چوندا هوندا. جيڪڏهن سَماجي رهنما طلاق جي باري چئي تہ اَجڪلھ طلاقون ڏاڍيون ٿي رهيون آهن ائين نہ ٿيڻ گهرجي تہ هاڻي جيڪڏهن ان جي خاندان ۾ ڪا طلاق ٿي وڃي تہ اُن کي برو پلو چوڻ درست ناهي جو بعض اوقات اهڙا حالات پيدا ٿي ويندا آهن جو گهر ناهي هلي رهيو هوندو ۽ طلاق ڏيڻ ضروري ٿي ويندو آهي انهيءَ ڪري هنن وٽ بہ طلاق ٿي ويندي آهي.

(ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت، قسط:91)

**سوال:** نڪاح کان بعد جڏهن دعا گهري ويندي آهي تہ پري وينل ماڻهن تائين آواز ناهي پهچندو ۽ جيڪي ويجهو وينا هوندا آهن اهي بہ شور جي ڪري ٻُڌي ناهن سگهندا پر سڀ هٿ کنيل هوندا آهن. اهڙي موقعي تي ڇا ڪرڻ گهرجي دعا گُهري وڃي يا خاموش رهجي.

**جواب:** جيڪڏهن ڪو دعا گُهري رهيو هجي تہ اُن جي دعا ٻڌڻ واجب ناهي پنهنجي طور تي بہ دعا گهري سگهو ٿا. نڪاح جي تقريب ۾ انهن جي لاءِ دُعا ڪرڻ گهرجي جن جو نڪاح ٿي رهيو آهي تہ الله پاڪ اُنهن جي شادي خانہ آبادي فرمائي انهن جو گهر شاد ۽ آباد رکي”شادي خانہ آبادي“ جو مطلب آهي تہ انهن جو گهر آباد رهي، انهن جو گهر نہ ٽٽي، لڙائي جهڳڙا نہ ٿين، سَسُ نُنهن ۾ ويڙھ

نہ ٿئي، ڪنهن قسم جو هنگامو نہ ٿئي طلاق جي نوبت نہ اچي بلڪ اهي ماڻهو تقويٰ ۽ پرهيزگاري سان الله پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ۾ زندگي بسر ڪن. افسوس اهي شيون هاڻي اسان ۾ ناهن. ڳالهيون وڏيون وڏيون ڪيون ٿا پر عمل ڪجھ ناهي، ڪردار جا ڪيئي مسئلا آهن. شادي خانہ آبادي جو اهوئي مطلب آهي ۽ جيڪو اُن جي اُبتڙ هجي اها شادي خانہ بربادي آهي پر اهي لفظ عوام ۾ (هاڻي) ايترا مشهور ناهن. (ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:42)

## مگڻي ۾ پنج مڻ مٺائي وٺي اچجان

**سوال:** جيڪڏهن ڇوڪريءَ جا مائٽ ڇوڪري جي مائٽن کي چَون تہ ”مگڻي ۾ پنج مڻ مٺائي وٺي اچجو“ ڇوڪري جي مائٽن جي ايتري حيثيت نہ هجي تہ هُو ڇا ڪن؟ (**ايس ايم ايس جي ذريعي سوال**)

**جواب:** ڪٿي ڪٿي ائين آهي جيئن ميمڻ برادري ۾ خرچن جي ڪري ڇوڪريءَ جا مائٽ آزمائش ۾ هوندا آهن بعض برادرين ۾ ڇوڪري جا مائٽ آزمائش ۾ هوندا آهن. بهرحال مٺائي نہ پنج مڻ گُهري وڃي نہ ئي پنج ڪلو ڇوتہ ڏيڻ وارو انهيءَ ڪري ڏيندو آهي تہ جيڪڏهن نہ ڏني تہ شادي ڪونہ ٿيندي يا اهي ماڻهو اسان جي ڇوڪريءَ يا ڇوڪري کي تڪليف ڏيندا يا سامهون واري جي شر کان بچڻ مقصود هوندو آهي تہ نہ ڏيڻ جي صورت ۾ اهي اسان کي ڪنجوس چوندا، طرح طرح جون ڳالهيون ڪندا ۽ ڪوڙ کي سچ سان ملائي دنيا ڪلائيندا. ياد رکو! انهيءَ سبب مٺائي يا ڪا بہ شيءِ ڏيڻ رشوت چورائيندو. (فتاوىٰ رضويہ، 12/ 257-258 ملخصاً) ۽ وٺڻ وارو گنهگار ٿيندو، ڏيڻ وارو ڇوتہ شر يا برائي کان بچڻ يا پنهنجي عزت جي

حفاظت جي لاءِ ڏئي رهيو آهي انهيءَ کري اُن تي گناهه گار ٿيڻ جو حڪم نہ لڳندو. (فتاوىٰ رضويہ، 17/ 300 ماخوذاً،ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت،قسط:95)

## شادي جي تقريب ۾ دير جو سبب ۽ ان جو حل

**سوال:** شادي ڪارڊ تي ڪاڌي جو وقت لکيل هوندو آهي اُن وقت جي مطابق ڪاڌو ناهي ڪارايو ويندو تہ ڇا اهو وقت لکڻ ڪوڙ ۾ شامل ٿيندو؟

**جواب:** ماڻهو ئي نہ اچن تہ ڪاڌو ڪنهن کي ڪارائين؟ عام طور تي ماڻهو وقت تي ناهن ايندا جنهن جي ڪري ڪاڌي ۾ دير ٿي ويندي آهي. ماڻهن جو اِهو ذهن بڻجي ويو آهي تہ جيڪڏهن ڪارڊ تي 10 وڳي جو وقت لکيل آهي تہ ڪاڌو 11 وڳي کان اڳ ۾ شروع نہ ٿيندو جيڪڏهن اسان لکيل وقت مطابق ويندا سين تہ گهڻي دير تائين شادي هال ۾ ڦاٿل رهندا سين تہ ايئن هاڻي ماڻهن جي دير سان اچڻ جي اهڙي عادت بڻجي وئي آهي جو جنهن جي اصلاح تمام مشڪل آهي. سماجي اداري وارا جيڪڏهن پنهنجي پنهنجي ڪميونٽي جي ماڻهن کي سمجهائن تہ ٿئي سگهي ٿو ان جو ڪجھ حل نڪري اچي نہ تہ خالي قانون پاس ڪرڻ سان ڪجھ ناهي ٿيندو ڇوتہ قانون صرف لکت ۾ اچي ويندو ۽ بعد ۾ خبر بہ نہ پوندي تہ قانون بڻيو بہ هو يا نہ؟ بلڪ قانون بڻائڻ وارا پاڻ بہ ان کي وساري ڇڏيندا. بهتر اهو ئي آهي تہ هڪ مجلس هن ڪم جي لاءِ بڻائي وڃي ۽ هُو هي سيئي معاملا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن مثال طور جيڪڏهن هن مهيني ۾ اسان جي برادري ۾ ٽي شاديون آهن تہ اُن مجلس جا

اراڪين گھوٽيتن ۽ ڪنواريتن مان هر هڪ ڏُر وٽ وڃن ۽ انهن ڪي محبت سان سمجهائي هن ڳالھ تي راضي ڪن ته گھوٽ ايتري وڳي اچي ويندو ۽ ڪنواريتا به مجلس کي چوَن ته اوهان فڪر نه ڪيو اسان جو ڪاڏو گھوٽيتن جي اچڻ کان پهريان ئي شادي هال ۾ موجود هوندو ۽ اسان ڪاڏي جو انتظار نه ڪرائيندا سين. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو سماجي ادارو اڳتي ايندو ته ان کي ڏسي ٻيا سماجي ادارا به ائين ڪرڻ لڳندا ۽ ايئن نظام ۾ ڪجھ نه ڪجھ بهتري اچي ويندي. صرف ڳالهيون ۽ دير دير تائين بحث ۽ مباحثو ڪرڻ ۽ زبردستي همدرديون ڏيکارڻ سان ڪجھ ڪو نه ٿيندو.

(ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:95)

**سوال:** اسان جي معاشري ۾ اِهو رواج به آهي ته حج تي وڃڻ واري کي ويجهي مٽن مائٽن جي لاءِ تحفن جو بندوبست ڪرڻو پوندو آهي، هن جي باري ۾ رهنمائي فرمايو:

**جواب:** ڪجھ ويچارا حج جي استطاعت رکڻ باوجود به حج تي ناهن وڃي سگھندا ان جي لاءِ ڪين حج جو خرچ ته هوندو آهي پر رواج جي مطابق رشتيدارن کي تحفا ڏيڻ لاءِ گھڻا پيسا ناهن هوندا. جيڪڏهن حج جو خرچ پنج لک آهي ته بطورِ مبالغہ چوان ته انهن کي پندرهن لکن جي گُهرج هوندي آهي چوته نٽاڻ کي هي ڏيڻو آهي، پاڃائي کي هُو ڏيڻو آهي، ڏيءَ کي هيءُ وٺي ڏيڻو آهي ته پيءُ کي هو وٺي ڏيڻو آهي. ماءُ ۽ سَسُ کي به فلاڻو فلاڻو تحفو ڏيڻو آهي. ايئن ايترا رواج هن ظالم مُعاشري وجهي ڇڏيا آهن ته ماڻهو اُن

ڏپ کان حج تي نٿا وڃي سگهن ته جيڪڏهن حج جي لاءِ ويندا سين ته رسم ۽ رواج جي مطابق مِتن مائٽن کي تحفا ڏيٽا پوندا نه ته هُو ناراض ٿي ويندا ۽ عجيب و غريب ڳالهيون ٺاهيندا آهي. ظاهر آهي جيڪي تحفن جو مطالبو ڪندا آهن اُهي چڱا ماڻهو ناهن ۽ انهن جي شر کان بچڻ جي لاءِ جيڪو ڪجهه انهن کي ڏنو ويندو اهو سندن حق ۾ رشوت آهي. حج تي وڃڻ وارن کان تحفا وٺڻ بدران خوشي خوشي هيئن چوڻ گهرجي ته اوهان حج جي لاءِ وڃو ته اسان کي ڪجهه نه ڏجو ۽ جيڪڏهن ڏيڻو ئي آهي ته آبِ زم زم جو تحفو ڏئي ڇڏجو. جيڪڏهن آبِ زم زم جي بوتل به نه ڏني تڏهن به اسان جي طرفان ڪا ناراضگي ناهي. جيڪڏهن هر رشتيدار اهڙي طرح چئي ڇڏي ته تحفن جي بار کان ڇوٽڪارو ملڻ جي ڪري حج تي وڃڻ واري جي دل مان دعائون نڪرنديون.

ياد رکو! آبِ زم زم گهرڻ کي ڪوبه رشوت نه چوندو انهيءَ ڪري جو هن ۾ ڪو شر وارو معاملو ئي ناهي ڇوته اهو پاڻي آهي البته عجوه کجور آڻڻ جو چوندؤ ته اها مهانگي هوندي آهي. حاجي قيمتي مصلا، قيمتي تَسبِيحُون، عجوه کجورون، سوٽ پيس، چاڪليٽ جا پيڪٽ ۽ خدا ڄاڻي ڇا ڇا آڻيندا آهن ته ظاهر آهي اهڙي طرح جون شيون عام طور تي ٻانهو واه واه ڪري نه بلڪ ”آه آه“ ڪري ڏيندو آهي. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت،قسط:54)

## عِدّت ختم ٿيڻ تي دعوت ڪرڻ

اهڙي طرح عدّت ختم ٿيڻ تي دعوتن کي ضروري سمجهڻ ته مامي

يا فلاڻي وٽ پهرين دعوت ٿيندي تہ اهڙي طرح جا طريقا ماڻهن پنهنجي طرفان گهڙيا آهن. ها! جيڪڏهن هنن دعوتن کي ضروري نہ سمجهن ۽ مامو، ياءُ ڀيڻ وغيره خوش دلي سان صلہ رحمي(يعني رشتيدارن سان چڱو سلوڪ) ۽ اللّٰہ پاڪ جي رضا جي نيت سان دعوت ڪن تہ هي سٺو عمل آهي. اهڙي دعوت بہ عدّت مان نڪرندي ئي ضروري ناهي بلڪ عدّت کان پوءِ جڏهن چاهيو ڪري سگهو ٿا. جيڪڏهن نہ بہ ڪيو تڏهن بہ حرج ناهي. پنهنجي طور تي هن طرح جي رسم ۽ رواج ٺاهي ڇڏڻ ۽ پوءِ انهن کي ضروري سمجهڻ اهو غلط آهي ڇوتہ جيسيتائين شريعت جو حڪم نہ هجي ڪابہ شيءِ ضروري ناهي هوندي. (فتاویٰ رضويہ، 11 / 256 ماخوذاً ،ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:27)

سوال: اڄڪلهہ ڏسڻ ۾ اچي پيو تہ شادين ۾ ڏاج وٺڻ جي لاءِ وڏيون فرمائشون ڪيون وڃن ٿيون ۽ هن ۾ ڪنهن قسم جو افسوس بہ ناهي ٿيندو بلڪ پنهي هٿن سان ڏاج ورتو ويندو آهي ۽ وڏيون فرمائشون ڪيون وينديون آهن تہ فلاڻي شيءِ وڏي ڏيو يا سني ڪمپني جي ڏيو جيڪڏهن هن ۾ وڌيڪ پئسا وڃهڻا هجن تہ اسان ڏئي ڇڏينداسين وغيره، پر جڏهن حق مِهر جي ڳالهہ ايندي آهي تہ اُهي ئي ماڻهو شريعت جي راهہ وٺندا آهن تہ شريعت هٿ مان نہ نڪري وڃي، هن حوالي سان رهنمائي فرمايو، پڻ اهو بہ ارشاد فرمايو تہ شرعي طور مهر ڪيترو هئڻ گهرجي ۽ هن وقت جي حساب سان شرعي مهر ڪيترو ٺهجي ٿو.؟

**جواب:** مهر جي مقدار گهٽ ۾ گهٽ بہ تولہ ساڍا ست ماشہ (يعني30 گرام 618 ملي گرام) چاندي يا اُن جي رقم آهي. (بہارِ شريعت، 2/ 64، حصہ: 7)

وڏيڪ جي کا حد مقرر ناهي، جيترو رکڻ چاهيو رکي سگهو ٿا. جيستائين ڏيءُ کي ڏاج ڏيڻ جو معاملو آهي ته ماءُ پيءُ جيکو ڏاج جي صورت ۾ پنهنجي ڏيءُ کي ڏيندا آهن اهو ڏيڻ سُنت آهي، خاتونِ جنت حضرت بيبي فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهَا کي بہ ڏاج ڏنو ويو هو ۽ اها ڳالھ ٻار کي بہ معلوم آهي. بعض سماجي اداري وارا ڏاج کي معاذالله لعنت چوندا آهن اها بلکل غلط ڳالھ آهي. البتہ ڏاج جي لاءِ سامهون وارن جو مطالبو ڪرڻ تہ اسان کي هيءُ بہ گهرجي هُو بہ گهرجي اِهو سراسر غلط آهي. هن صورت ۾ والدين انهن جي شر کان بچڻ جي لاءِ اهو سڀ ڏيندا ۽ انهن تي بوجھ پوندو ۽ انهن جي دل بہ پريشان ٿيندي تنهنڪري اهڙو مطالبو هرگز نہ ڪيو وڃي. اهڙي طرح گهرڻ پنهنجي ذات جي لاءِ گهرڻ آهي هي ويتر غلط آهي جو سوال ڪرڻ آهي. ڏيڻ وارن انهيءَ ڪري ڏنو تہ جيڪڏهن نہ ڏينداسين تہ هي اسان جي نياڻي کي طعنا ڏيندا تہ تنهنجي ماءُ ڏنو ڇا آهي؟ مڙس، سَسُ يا جنهن جي ڪري بہ اهڙي طرح ڪجھ ڏنو ويندو اِهو رشوت چورائيندو.

## دعوتن ۾ هڪ طعام جو سسٽم هئڻ فائديمند آهي

(اميراهلسنت جي پر ۾ وينل مفتي صاحب فرمايو:) ڪن برادرين جي باري ۾ خبر ملي هئي تہ انهن ماڻهن ۾ هڪ کان وڏيڪ طعام تيار ڪرڻ تي پابندي آهي ۽ اهو بہ طئي ٿيل آهي تہ ڪهڙو طعام ڪارائڻو آهي ۽ ڪيئن ڪارائڻو آهي. هن مان سمجھ ۾ اچي ٿو تہ جيڪڏهن برادري وارا اهڙي طرح جون ڪجھ پابنديون هڻن ۽ عمل

ٻہ ڪن تہ ڪافي مسئلا حل ٿئي سگهن ٿا پر ڳالھ اها ئي آهي تہ جڏهن اهي پابنديون لڳائڻ وارن جي پاڻ تي اچن ٿيون تہ انهن جا پنهنجا ئي گهروارا مسئلا پيدا ڪري ڇڏين ٿا ۽ اهي ويچارا آزمائش ۾ اچي ويندا آهن. (اميراهلسنت فرمايو:) اوڪائي ميمڻ ۾ شادي جي موقعي تي سڄي برادري کي دعوت ڏني ويندي هئي ۽ ڪاڏي ۾ دال چانور هوندا هئا. انهن جا دال چانور واقعي مزيدار هوندا هئا ۽ سستائي ۾ ڪم ٿي ويندو هو. هاڻي خبر ناهي تہ ڇا سلسلو هوندو ڇوتہ آهستہ آهستہ خرابيون اينديون وڃن پيون، ماڻهو نہ ڄاڻ ڇاڇا شيون شامل ڪري ڇڏين ٿا ۽ انهن جي ڪري غريب ماڻهو پيسجي وڃي ٿو، ڇڻ تہ اهي شيون لازمي ٿئي چڪيون آهن يعني ڪاڏي ۾ 100 طرح جا طعام نہ هجن تہ بدنام ٿي ويندو ۽ برو پلو ٻڌڻو پوندو تنهنڪري ان کان بچڻ جي لاءِ ويچارو قرض وٺندو جيتوڻيڪ وياج تي قرض وٺڻو پئي پر هُو وٺندو ۽ اهو سڄو سلسلو ڪندو. (ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:67)

**سوال:** اڄڪلھ ماڻهو شادين ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار تي گل ڇٽين ٿا ڇا اِهو اسراف آهي؟ (نگرانِ شوريٰ جو سوال)

**جواب:** شادين ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار تي گل ڇٽڻ کي اسراف نہ چونداسين ڇوتہ هي عوام ۾ مشهور آهي. گُل پارايا وڃڻ کي گل پارائڻ ۽ گل ڇٽيا وڃڻ کي گل ڇٽڻ ڇئبو آهي گُل ڇَٽائِي عالمن تي ڪثرت سان ٿيندي آهي. ۽ الحمدلله! جلوسِ ميلاد ۾ بہ ڇٽيا ويندا آهن. گهوٽ ڪنوار تي گل ڇٽڻ شرعي طور ناجائز ناهي ۽ اُن کي اِسراف بہ نٿو

چئي سگھجي انهيءَ ڪري جو گل چٽڻ سان خوشبو پکڙجندي آهي ۽ ماحول ۾ هڪ ڪشش ۽ رونق پيدا ٿيندي آهي ته ايئن هن جو ڪجھ نه ڪجھ فائدو ۽ مقصد آهي. هاڻي ماڻهو اِهو سمجهن ٿا ته گل چٽڻ سان گل پيرن هينان لتاڙجندا حالانڪ اهي گُل سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پگھر مان پيدا ٿيا آهن تنهنڪري گلاب جي گلن جي بي ادبي ٿيندي ته اِهو هڪ عوامي خيال آهي. بعض روايتن ۾ اِهو آهي ته گلاب جو گل سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ پگھر مان پيدا ٿيو آهي پر محدّثن سڀني اهڙي روايتن تي جرح ۽ وڏو ڪلام ڪيو آهي اڪثر محدثن جي نزديڪ اهي روايتون من گھڙت آهن.

(ڪشف الخفاء، 1/ 229، تحت الحديث:797 ماخوذاً،المقاصد الحسنة،ص138، تحت الحديث: 261 ماخوذاً)

فرض ڪيو جيڪڏهن اهو مڃي به وٺجي ته گل ٻٽجڻ جو سبب سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پگھر آهي تڏهن به شايد هي گل چٽڻ جي ناجائز هجڻ جو سبب نه ٿو ٻڌجي سگھي. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت، قسط:33)

**سوال:** جيڪڏهن شادي وغيره ڪنهن تقريب جي موقعي تي گُل چٽڻ جي لاءِ چارو طرف بي پرده ڇوڪريون جمع هجن ته؟(نگرانِ شوريٰ جو سوال)

**جواب:** يقيناً بي پردگي کي روڪيو ويندو. شادي ۾ ڪاڏي جي دعوت ته جائز آهي هاڻي جيڪڏهن هن ۾ نامحرم عورتون ۽ مرد ملي ڪري ڪائي رهيا هجن ۽ ٺهڪ لڳائي کلي رهيا هجن ته اُن کي ڪير جائز چوندو؟ شادي ۾ گل چٽڻ ۽ ڪاڏي جي دعوت ڪرڻ جائز آهي البته هن ۾ ڪا ناجائز حرڪت داخل ٿئي وئي ته اُن کي ناجائز چيو ويندو. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت،قسط:33)

# ڏاج جو مالڪ ڪير؟

**سوال:** ڏاج مرد يا عورت مان ڪنهن جي ملڪيت هوندو آهي؟

**جواب:** ڇوڪريءَ کي جيڪو سامان مائٽن طرفان ڏاج جي طور تي ڏنو ويندو آهي اهو ڇوڪريءَ ئي جي ملڪيت هوندو آهي ۽ طلاق کان بعد اُن کي ڏاج جو سامان واپس وٺڻ جو پورو حق آهي بلڪ اُن جي اجازت کان سواءِ ڪنهن کي اِهو سامان استعمال ڪرڻ جي به اجازت ناهي. جيتري تائين مڙس ۽ اُن جي گهر وارن جي طرفان ڏنو ويندڙ سامان ۽ زيورات وغيره آهن ته انهن جون ٽي صورتون آهن: (1) مڙس يا گهر وارن ظاهري طور تي ڇوڪري کي سامان يا زيوَرن جو مالڪ بڻايو هو ۽ قبضو به ڏنو هو.(2) مڙس يا گهر وارن ظاهري طور تي ڇوڪريءَ کي سامان ۽ زيوَر عاريةً يعني صرف استعمال جي لاءِ ڏنا هئا.(3) مڙس يا گهر وارن ڇوڪريءَ کي سامان ۽ زيوَر ڏيندي وقت ڪجهه به نه چيو هو. **پهرين صورت** ۾ عورت سامان ۽ زيورات جي هبه جي ڪري اُن جي مالڪ بڻجي ويندي آهي ۽ هيءَ اُنهن شين جو مطالبو به ڪري سگهي ٿي، **ٻئي صورت** ۾ جنهن اُهي شيون ڏنيون آهن اُهو ئي هن جو مالڪ آهي ۽ **ٽئين صورت** ۾ مڙس جي خاندان جي رواج کي ڏٺو ويندو جيڪڏهن اُهي عورت کي اُنهن شين جو مالڪ بڻائي ڇڏين ٿا ته هي شيون ڇوڪريءَ جون آهن ۽ جيڪڏهن مالڪ نٿا بڻائين ته هي ڏيڻ وارن ئي جون آهن. اُنهيءَ جي باري ۾ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: ڏاج ته سچو عورت جو آهي اُن ۾ ڪنهن جو حق ناهي. ۽ تحفي جو

جيڪڏهن عورت کي مالڪ ڪيو ويو هو چاهي ظاهر طور تي چيو هو تہ اسان هن جو توکي مالڪ ڪيو يا اُتي جي رسم ۽ عُرف مان ثابت هجي تہ مالڪ بڻائڻ جي طور تي ڏيندا آهن جڏهن تہ اهو بہ عورت جي ملڪ آهي نہ تہ جنهن تحفو ڏنو ان جي ملڪيت آهي. فتاوىٰ رضويہ،12 /259- 260 ) (فيضانِ مدنی مذاکره ، قسط 17 )

**سوال:** گهر واري فوت ٿي وڃي تہ ڇا سڄو ڏاج مڙس رکي سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب:** گهر واري مري وڃي تہ مڙس يا کو بيو ان جي ڏاج جو اڪيلو مالڪ يا حقدار نٿو ٿئي سگهي بلڪ اهو سڄو سامان جيڪو عورت جي ذاتي ملڪيت هوء اُن جي مرڻ کان پوءِ شرعي قانون موجب وارثن ۾ تقسيم ٿيندو جيئن منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڏاج اسان جي شهرن جي عرفِ عام مطابق خاص گهر واري جي مِلڪ هوندو آهي جنهن ۾ مڙس جو ڪجهہ حق ناهي، طلاق ٿئي تہ سڄو پاڻ سان کڻي ويندي ۽ مري وئي تہ اُنهي جي وارثن ۾ تقسيم ٿيندو.
( فتاوىٰ رضويہ، 203/12 )(ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت،قسط:17)

**سوال:** بعض جڳهہ اهو رواج آهي تہ ڏاج ۾ ڏنل سامان کي باقاعده سڄائي مهمانن جي سامهون پيش ڪيو ويندو آهي، بعض جڳهہ هڪ شخص بيهي اعلان بہ ڪري رهيو هوندو آهي تہ هيءُ سيٽ هيتري تولي جو آهي، ائين ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** ڏاج جي نمائش ۾ ڪا شرعي ممانعت تہ نظر نٿي اچي هن ۾ اخلاقي ۽ معاشرتي خرابيون ضرور آهن. مُعاشري ۾ ڏيکاءُ ايتري قدر سرايت ڪري چڪو آهي جو مسجد ۾ چندو ڏيندي وقت بہ

خواهش ڪئي ويندي آهي تہ نالو وٺي دعا ڪئي وڃي تہ جيئن ماڻهن کي خبر پئي تہ فلاڻي مسجد کي چندو ڏيڻ جو احسان ڪيو آهي.
(ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت، قسط:12)

**سوال:** اڄڪلهه بعض جڳهن تي ڏاج جي نمائش ڪئي ويندي آهي، ماڻهن کي ڏاج ڏيکارڻ جو باقاعده اهتمام ڪيو ويندو آهي، ڇا ائين ڪرڻ سان يتيم ۽ غريب ٻارڙين جي دل آزاري نہ ٿيندي؟

**جواب:** ڏاج جي نُمائش ڪرڻ کي دل آزاري نٿا چئي سگهون. جيڪڏهن ائين هجي تہ پوءِ بلڊنگ ٺاهڻ بہ دل آزاري جو سبب ٿيندو جو جهوپڙي ۾ رهڻ واري جي دل ڏکندي بلڪ جهوپڙي ناهڻ بہ منع ٿي ويندو ڇو تہ جيڪي روڊن جي ڪنارن تي پيل آهن، جن وٽ جهوپڙي بہ ناهي انهن جي دل ٽٽي پوندي، تہ ائين دنيا جو نظام ئي رڪجي ويندو، لٰهذا جيڪڏهن ڪنهن الله پاڪ جي رضا جي لاءِ دل جوئي ۽ بين چڱي نيتن سان چڱو ڏاج ڏنو، واه واه ۽ حبِّ جاه مقصود ناهي ۽ هُو چار ماڻهن کي ڏيکاري بہ ڇڏي ٿو تہ اُن تي ڪنهن جي دل آزاري جو حڪم لڳائڻ سمجهہ ۾ نٿو اچي. بهرحال هن کان بچڻ بهتر آهي. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت،قسط:31)

**سوال:** پيڻ کي ڏاج ۾ ڪهڙو ڪتاب ڏنو وڃي.؟

**جواب:** سبحان الله! پيڻ کي ڏاج ۾ تفسير ”صراط الجنان“ جا 10 جلد ڏنا وڃن. قرآنِ ڪريم جي تفسير گهر ۾ رکيل هوندي تڏهن بہ پئي برڪتون لٽائيندي. هن ۾ اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ترجمو قرآن ڪنزالايمان بہ آهي. جيڪڏهن گهٽ ڪرڻ چاهيو تہ پوءِ بهارِ شريعت ڏئي سگهجي ٿي يا

وري ترجمو قرآن ڪنزالايمان مع خزائن العرفان هڪ ئي جلد ۾ آهي اهو ڏئي سگهجي ٿو. فيضانِ سُنت جلد اوّل ۽ اُن جا ٻيا ابواب مثلاً غيبت جون تباهه ڪاريون، نيڪي جي دعوت هي سڄو سيٽ به ڏئي سگهجي ٿو. جيترن ڪتابن جو مون عرض ڪيو اهي تمام سيٽ به ڏاج ۾ ڏئي سگهجن ٿا. ماڻهو لکين ڪروڙين روپيا شادين تي خرچ ڪن ٿا ۽ سون جو انبار لڳائي ڇڏين ٿا، جيڪڏهن نيڪين جا انبار لڳائڻ وارا سبب به ڪجهه هزار روپيا خرچ ڪري ڏنا وڃن ته مدينه مدينه. گهر ۾ ديني ڪتاب هوندا ته ڪڏهن نه ڪڏهن ڪو ته کُولي ڏسندو ته هي ڇا آهي؟ اڄڻ واريون نسلون ڏسنديون ته هي ڇا آهي؟ گهر جا ٻيا افراد ڏسندا ته هي ڇا آهي؟ تنهنڪري ڏاج ۾ ديني ڪتاب ڏيڻ گهرجن. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت،قسط:30)

**سوال:** شادين ۾ ڪيترائي ماڻهو قيمتي ۽ مهانگا گلدستا تحفي طور ڏين ٿا، ڇا اهو صحيح آهي؟ (شعبه ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت)

**جواب:** شادي جي موقعي تي جيڪي اُبتا سُبتا طرحين طرحين جا تحفا ڏنا ويندا آهن، تن جو ڪوبه فائدو ناهي هوندو. مثلاً عام طور تي شادين ۾ شوپيس ڏنا ويندا آهن يا اهڙا قيمتي گلدستا ڏيندا آهن جن ۾ عام طور تي خوشبو ناهي هوندي، بهرحال اهڙا گلدستا ڏيڻ جائز آهي، ايئن ئي اهڙا شوپيس ڏيڻ به جائز آهي جن ۾ جاندارن جو مُجَسمو نه هجي پر اهڙين شين جا فائدا گهٽ آهن. هاڻي گلدستي کي انسان ڇا ڪندو؟ مثلاً حاجي عبيد رضا کي ڪنهن قيمتي گلدستو اچي ڏنو، هاڻي حاجي عبيد رضا ان کي ڇا ڪندو؟ جزاڪ الله چئي رکي ڇڏڻو آهي ۽ بعد ۾ ڪنهن کي ڏئي ڇڏڻو آهي. جيڪڏهن ڪجهه

ڏيٺو ئي آهي ته ان جي جڳهه تي ڪا ديني ڪتاب ئي ڏئي ڇڏي. جيڪڏهن ڪو عمامو پائي ته ان کي وڳو ۽ عمامو ڏئي ڇڏي، سُنت جي مطابق پائي رکندو ۽ نمازون پڙهندو رهندو. دعوتِ اسلامي جي مکتبة المدينہ تي هزارين ديني ڪتاب موجود آهن، انهن مان ڪو ڪتاب توفيق آهر خريد ڪري تحفي ۾ ڏنو وڃي. جيڪڏهن شادي ۾ گڏفت طور ڪو ڪتاب ڏيٺو آهي ته اُن تي لکي به ڇڏيو ته فلاڻي جي شادي جي موقعي تي تحفو، يا شادي مبارڪ. جيڪڏهن شادي مبارڪ لکي ڪري ڪتاب ڏيندؤ ته اُميد آهي ته اهو يادگار جي طور تي سنڀالي رکي ۽ پڙهي. جيڪڏهن گهوٽ پهريان ئي ديني ماحول سان وابستہ آهي تڏهن به ڪتاب تحفي ۾ ڏيو جو گهر ۾ ڪو ته پڙهندو. مسلمانن جي گهر ۾ ديني ڪتاب ويندو ته ڪنهن قسم جو نقصان نہ پهچائيندو بلڪ ان شاءالله الڪريم ڪجھ نہ ڪجھ فائدو پهچائيندو. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت،قسط:30)

## ”غيبت جون تباه ڪاريون“جي سترهن اکرن جي نسبت سان مگڻي/شادي ۾ غيبت جا 17 مثال[1]

جڏهن رشتو طئي ڪرڻو پوندو آهي ته ٻئي ڌريون پيار ۽ محبت سان پاڻ ۾ گڏجاڻيون ڪنديون آهن پر ان دوران به ۽ بعد ۾ به گهڻي قدر غيبتن جو سلسلو هلندو رهندو آهي، ان جا 17 **مثال** پڙهو: ❁ بي لحاظ ماڻهو آهن ❁ گهر اچي دعوت ڏيڻ گهرجي ها

---

[1] هي مضمون اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي ڪتاب ”غيبت جون تباهہ ڪاريون“ مان ورتو ويو آهي.

۞ صرف چوِرائي موڪليو اٿن يا ۞ فون تي ئي گذارو ڪري ورتو اٿن ۞ سَسُ ڪنهن کي سڏ ڏيڻ جي لاءِ نہ موڪليو ۞ اسان انهن کي وڏيڪ ماڻهن کي گڏ وني اچڻ جي دعوت ڏني هئي، پر انهن اسان کي گهٽ ماڻهن کي وني اچڻ جي دعوت ڏني آهي ۞ مان دعوت ۾ ويس تہ سُهري مونکي ڪا خاص لفٽ ئي نہ ڪرائي ۞ مونکي ايترو بہ نہ چيائين تہ "اچا ڪاءُ" ۞ ڇوڪريءَ وارن جي طرفان ڪافي ڏينهن تيا آهن ڪا دعوت ئي ناهي ملي، اِهو ڪو طريقو آهي ۞ ڏاڍا ڪنجوس آهن۞ ڪاڏي جو صرف تالهہ موڪليو اٿن، ديگ اچڻ گهرجي هَا ۞ سَسُ جي دل تمام ننڊي آهي۞ اَنبن جي صرف هڪ پيتي موڪلي آهي ۽ ۞اَنب بہ بس اهڙا ئي هئا ۞ وڏي ياءُ جي لاءِ واچ ۞ وڏي ڀيڻ لاءِ وڳو ۞ امڙ جي لاءِ چادر جي ترڪيب هئي، پر هر شيءِ بيڪار ڏني آهي وغيره وغيره. انهن مان ڪجهہ تہ اهڙيون غيبتون آهن، جن کي شايد "چوري ۽ سينہ زوري" چئجي تہ بہ غلط ناهي چوتہ پهريان تہ جن شين جي شِڪايت تي رهي آهي، انهن ۾ اڪثر رُشوت جهڙي خطرناڪ آفت بہ شامل آهي. **مثال طور:** اهي مُطالَبا ڪرڻ تہ ڇوڪري جي ياءُ ۽ والدين کي ڇوڪرِيءَ وارا، اهڙيون اهڙيون شيون ڏيندا تڏهن ئي اسان رشتو ڪنداسين تہ پوءِ اها "رُشوَت" تي. ڇوڪرِيءَ وارا جيڪڏهن تحفا نہ ڏين تہ ڇوڪري واري ڏُر طَعنا مِهڻا تي ڏئي. ان ڪري پنهنجي ڇوڪرِيءَ کي ساهرن جي شرارت کان بچائڻ جي لاءِ انبن جون پيتيون ۽ ڪاڏي جا ٿانوَ وغيره پيش ڪيا تا وجن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت، **مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن

تا تہ ”رُشوت اھا آھي جيڪا ڪن قومن ۾ ھلندي ٿي اچي تہ پنھنجي نياڻي يا پيڻ جي مائٽي ڪنھن سان ان وقت تائين ناھن ڪندا، جيستائين خاطِب (يعني نڪاح جو پيغام ڏيڻ واري) ڪان پنھنجي لاءِ ڪا شيءِ حاصل نہ ڪن ۽ ھي بہ رشوت آھي تہ ڪو شخص پنھنجي زيرِ وِلايت (يعني سرپرستيءَ ھيٺ) ڇوڪرِيءَ جو رشتو تہ ڪري، پر پنھنجي لاءِ ڪجھ ونڻ ڪانسواءِ اھا ڇوڪري مڙس جي حوالي نہ ڪري.“ (فتاوي رضويه ج12 ص 257) ياد رکو! رشوت حرام ۽ جھنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آھي جيئن حديث پاڪ ۾ آھي: اَلرَّاشِيْ وَالْمُرْتَشِيْ فِي النَّارِ **يعني** رشوت ڏيندڙ ۽ **رشوت وٺندڙ ٻئي جھنّمي** آھن.

(اَلْمُعجَمُ الاَوسَط للطِّبرَاني ج1 ص 550 حديث 2026)

## رشوت ڪان توبہ جو طريقو

اي عاشقانِ رسول! جنھن رشوت ورتي ھجي، ۽ پوءِ پشيمان آھي تہ صرف زباني توبھ ڪافي ناھي. توبھ سان گڏوگڏ سڀ رشوتون انھن کي واپس ڪرڻيون پونديون، جن جن ڪان ورتيون آھن، اھي نہ رھيا ھجن تہ ان جي وارثن کي ڏئي. جيڪڏھن انھن جي بہ خبر ناھي تہ ڪنھن فقير کي ڏئي ڇڏي. رشوت جي وڌيڪ معلومات جي لاءِ ”**فيضانِ سنّت**“ جلد اوّل صفحي 525 ڪان 538 تائين جو مطالعو ڪريو .

